هفتيوار رسالو

(اميرِ اهلسنت جو بيان)

# نيڪ اعمال تي استقامت ماڻڻ جا طريقا



20 سالن کان هڪ شيء جي طلب

30 سالن کان ٻن شين جو علاج،

بي مثال عاجزيء جو مثال

دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: نيڪ اعمال تي استقامت ماڻڻ جا طريقا

ڇاپو پهريون: شوال 1447هه اپريل 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

# نيڪ اعمال تي استقامت ماڻڻ جا طريقا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

نيک اعمال تي استقامت ماڻڻ جا طريقا ........................ 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
ٻليءَ جي استقامت ................................ 1
مراقبو ڪٿان سکيو؟ ................................ 2
اللّٰه پاڪ جي ويجهو وڏيڪ پسنديده عمل ........................ 3
استقامت ڇا کي چئبو آهي؟ ................................ 3
استقامت جي اهميت متعلق بزرگن جا قول ........................ 4
20 سالن کان هڪ شيءِ جي طلب ........................ 7
20 سالن تائين مشقت سان عبادت ........................ 10
بلند مقام جو حصول ................................ 11
40 سالن تائين نہ کِليا ................................ 11
40 سالن تائين قرآنِ ڪريم پڙهايو ........................ 11
20 سالن تائين دنياوي گفتگو کان پرهيز ........................ 12
40 سالن تائين عشاء کان پوءِ گفتگو نہ ڪئي ........................ 12
30 سالن کان ٻن شين جو علاج ........................ 12
حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو معمول ........................ 12
بي مثال عاجزيءَ جو مثال (واقعو) ........................ 14
استقامت ۾ رڪاوٽ واريون شيون ........................ 15
سُستيءَ سبب عبادت ڇڏڻ وارو ........................ 16
دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ........................ 17

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نيک اعمال تي استقامت ماڻڻ جا طريقا (1)

**دُعاءِ عطار:** يا ربّ ڪريم! جيڪو بہ هي رسالو ”**نيک اعمال تي استقامت ماڻڻ جا طريقا**“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي نيڪين تي استقامت عطا فرماءِ ۽ کيس والدين ۽ خاندان سميت جنّتُ الفردوس ۾ بغير حساب جي داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، ڇو تہ توهان جو مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو.
(جامع صغير، ص280، حديث: 4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻليءَ جي استقامت

تابعي بزرگ حضرت امام شعبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: زياد جي غلام عجلان مون کي ٻڌايو تہ زياد جڏهن گهر کان نڪرندو هو تہ

(1) 24 ربيعُ الآخر 1441 هجري، 21 ڊسمبر 2019 جو ٿيڻ واري امير اهل سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي بيان جو ترحري گلدستو.

مان ان جي اڳيان اڳيان مسجد تائين ويندو هئس ۽ مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ان جي ويهڻ تائين اڳيان اڳيان ٿي هلندو هيس. هڪ ڏينهن هن هڪ ٻليءَ کي ڏٺو جيڪا گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي هئي، مان ان کي ڀڄائڻ لاءِ وڃڻ لڳس ته زياد چيو: هن کي ڇڏي ڏيو، ڏسون ٿا ته هيءَ ڇا ٿي ڪري. پوءِ هن ظهر جي نماز پڙهي ۽ واپس اچي ويو. اسان جڏهن عصر پڙهي واپس آياسين ته اها ٻلي تڏهن به اتي ئي هئي. سج لهڻ کان ٿورو پهريان هڪ ڪوئو نڪتو ته ٻليءَ جهٽ هنيو ۽ ان کي سوگهو ڪري ورتو. زياد چيو: جنهن کي ڪا ضرورت هجي ته هو هن ٻليءَ وانگر مستقل مزاجي (يعني استقامت) سان ان ڪم ۾ لڳل رهي، کيس ڪاميابي ملي ويندي.
(حلية الاولياء،351/4، قول نمبر:5826 )

## مراقبو ڪٿان سکيو؟

سلسله عاليه قادريه رضويه عطاريه جو ٻارهون پيرو مرشد حضرت ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، حضرت سيدُنا ابوالحسين نوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته ان کي نهايت دلجمعي ۽ خاموشيءَ سان هڪ ڪنڊ ۾ بي حس وحرڪت (يعني بنا چُرپُر جي) ويٺل ڏٺو (يعني مراقبي ۾ ڏٺو). حضرت سيدُنا ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پڇيو: ”توهان اهڙي دلجمعي ۽ مراقبو(يعني اهڙي استقامت ۽ بنا چُرپر جي هن طرح ويهڻ) ڪٿان سکيو؟ فرمايائون: ”اسان وٽ هڪ ٻلي هئي، ان کان سکيو آهي: جڏهن هوءَ شڪار جو ارادو ڪندي هئي ته (ڪُوئي جي) ٻِر وٽ تاڙ (يعني لڪي) ڪري اهڙي طرح ويهندي هئي جو ان جو هڪ وارُ به حرڪت نه ڪندو هو.“ (احياء العلوم،131/5)

خبر پئي تہ جڏهن کو شخص ڪنهن مقصد کي ماڻ چاهي تہ ڪيس
گھرجي تہ استقامت سان انتظار ڪري، بيزار نہ ٿئي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هو
پنهنجي مقصد کي ماڻي وٺندو. (هڪ چوڻي آهي:) مَنْ جَدَّ وَجَدَ يعني
جنهن ڪوشش ڪئي، ان ماڻي ورتو.

## الله پاڪ جي ويجهو وڏيڪ پسنديده عمل

اي عاشقانِ رسول! استقامت تمام وڏي نعمت آهي. بظاهر ننڍو
نظر ايندڙ پر مستقل (يعني هميشہ) ڪيو ويندڙ نيڪ عمل الله پاڪ
کي وڏيڪ پسند آهي، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي
آخري نبي محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو:
”الله پاڪ جي ويجهو وڏيڪ پسنديده عمل ڪهڙو آهي؟“ فرمايائون:
”اهو عمل جيڪو هميشہ ڪيو وڃي، توڙي جو ٿورو ئي هجي“.
(بخاری،237/4،حديث:6465) بدقسمتيءَ سان اڄ ڪلهه اسان ۾ استقامت جي
تمام گھڻي ڪمي لڏي ويندي آهي، اسان ڪنهن بہ ڪم کي هميشہ
جاري ناهيون رکي سگھندا. جوش ۾ اچي ڪري گھڻو ڪجهہ شروع
تہ ڪري وٺندا آهيون پر پوءِ آهستي آهستي پوئتي هٽي ويندا
آهيون.

## استقامت ڇا کي چئبو آهي؟

گناهن کان بچندي نيڪ عملن جي پابندي ڪرڻ کي استقامت
چئبو آهي. (التعريفات للجرجانی، ص20) حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد
يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: استقامت اها آهي تہ ٻانهو رنج و غم،
مصيبت ۽ راحت ۾ الله پاڪ جي بندگيءَ کان منهن نہ موڙي.

استقامت ئي ولايت جي پاڙ آهي جنهن سان حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي همراهي نصيب ٿيندي آهي.

(تفسير نورالعرفان، پ12، هود، تحت الآية: 112،ص372)

هي حقيقت آهي تہ ڪنهن ڪم ڪي استقامت سان ڪرڻ نفس تي تمام ڏکيو هوندو آهي. ڪوبہ نيڪ عمل شروع ڪرڻ وقت تہ وڏو جوش هوندو آهي، جيئن نماز شروع ڪرڻ وقت وڏي جوش سان پڙهندا آهيون، پوءِ آهستي آهستي ڇڏجي ويندي آهي. ائين ئي ڪنهن کي نيڪ عملن جي رسالي ذريعي پنهنجو جائزو وٺڻ تي استقامت ناهي ملندي، ڪنهن کي هر مهيني ٽن ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي استقامت ناهي ملندي، ڪنهن کي هفتيوار اجتماع ۾ حاضريءَ جي استقامت ناهي ملندي، ڪو چوندو آهي: دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ استقامت ناهي ملندي. مطلب تہ هر ڪنهن کي استقامت جي ڪميءَ جي شڪايت آهي. عربي مقولو آهي: مَنۡ طَلَبَ شَيۡئًا وَجَدَّ وَجَدَ وَمَنۡ قَرَعَ الۡبَابَ وَلَجَّ وَلَجَ يعني جيڪو ڪنهن شيءِ جي طلب ۾ محنت ۽ ڪوشش ڪندو آهي، اهو ان کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻي وٺندو آهي ۽ جيڪو ڪنهن دروازي کي کڙڪائيندو آهي ۽ مسلسل کڙڪائيندو ئي رهندو آهي تہ اهو هڪ ڏينهن ان ۾ ضرور داخل ٿي ويندو. (تعليم المتعلم طريق التعلم،ص34) يعني اهو دروازو ان جي لاءِ کلي ويندو ۽ اهو ان ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري وٺندو.

## استقامت جي اهميت متعلق بزرگن جا قول

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جو فرمان آهي: استقامت اڌ ڪاميابي آهي جيئن غم اڌ پوڙهائپ آهي.

(عيون الحکايات،ص173) حضرت سيدُنا ابوعلي جُوزجاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ”استقامت اختيار ڪريو، ڪرامت جا طلبگار نہ بڻجو، ڇوتہ توهان جو نفس ڪرامت جي طلب ۾ رهندو آهي جڏهن تہ توهان جو رب توهان کان استقامت جو مطالبو فرمائيندو آهي.“ (رسالہ قشيريہ،ص240) صوفي حضرات فرمائن ٿا: ”هڪ استقامت هزار ڪرامتن کان بهتر آهي.“ (تفسير نور العرفان، پ12، هود، تحت الآية: 112،ص372) هڪ ٻيو مشهور مقولو آهي: اَلۡاِسۡتِقَامَةُ فَوۡقَ الۡكَرَامَةِ يعني استقامت ڪرامت کان وڌيڪ آهي.

اي عاشقانِ رسول! جنهن نيڪ ڪم تي توهان کي استقامت نٿي ملي سگهي، ان بابت سنجيدگيءَ سان غور و فڪر ڪندي (يعني ان کي Serious وٺندي) پنهنجو ذهن بڻايو تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هاڻي مان هن نيڪ ڪم ۾ موڪل نہ ڪندس، چاهي دل لڳي يا نہ لڳي، پوءِ ڀرپور ڪوشش ڪريو، ان شاءَ الله آهستي آهستي توهان ان ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ ۽ توهان کي استقامت ملي ويندي. ڏسو! جيڪڏهن پاڻيءَ جو ڦڙو ڪنهن پٿر تي مسلسل ڪرندو رهي تہ هو ان پٿر ۾ ان جاءِ تي سوراخ ڪري وجهندو آهي. تنهنڪري مسلسل ڪو ڪم هجي تہ ان جو پنهنجو هڪ اثر هوندو آهي. جيڪڏهن توهان نوٽ ڪيو هجي (مون نوٽ ڪيو آهي) تہ گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جو هڪ مڪسچر نَل هوندو آهي، ان جا ٻہ هينڊل هوندا آهن، عام طور تي هڪ هينڊل وڌيڪ استعمال ٿيندو آهي: جيڪو هينڊل استعمال ٿيندو رهندو آهي ۽ جنهن تي هٿ لڳندا رهندا آهن اهو ٿورو چمڪدار ۽ صاف سٿرو رهندو آهي، جڏهن تہ جنهن هينڊل کي بلڪل هٿ ناهي لڳايو ويو ان تي زنگ وغيره اچي ويندو آهي. تہ

جنهن ڪي مسلسل هٿ لڳندا رهيا ان جي صفائي ٿيندي رهي ۽ جنهن ڪي هٿ نہ لڳا اهو زنگجي ويو. اهڙي طرح ڪيتريون ئي شيون ۽ مشينون اهڙيون هونديون آهن تہ جيڪڏهن انهن کي مسلسل استعمال نہ ڪجي تہ اهي جام ٿي وينديون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڪرڻ بہ ڇڏي ڏينديون آهن، انهن کي روان ڪرڻ لاءِ وري جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان استقامت سان ڪم ڪريون، چاهي اهو ٿورو هجي، تہ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو اهو اسان جي دل و دماغ ۾ سمائجي ويندو، پوءِ ان ڪم ڪانسواءِ اسان کي چين نہ ايندو. جهڙي طرح جيڪي پڪا نمازي هوندا آهن انهن کي نماز پڙهڻ ڪانسواءِ چين نہ ايندو آهي. مثال طور رات جو جاڳي رهيا آهن ۽ فجر جي اذان ۾ ٿوري دير رهجي وئي آهي تہ جيڪو پڪو نمازي هوندو اهو سمهندو نہ، جيڪڏهن بالفرض ليٽندو بہ تہ ان کي ننڊ نہ ايندي، ڪيس اها ٽينشن هوندي تہ ڪٿي منهنجي نماز نہ رهجي وڃي. اهڙي طرح جيڪو جماعت سان نماز پڙهڻ جو پابند هوندو، ڪيڏي بہ مصروفيت ڇو نہ هجي، جڏهن هو اذان ٻڌندو ۽ جماعت بيهڻ واري هوندي تہ هو هر ڪم ڇڏي ڏيندو ۽ اهو سڀ ان جي فطرت ۾ شامل ٿي ويندو. ان جي ابتڙ جيڪو نماز تہ پڙهندو آهي پر جماعت سان ناهي پڙهندو بلڪ ان کي جماعت ملي وئي تہ نيڪ نہ تہ ڪو افسوس ناهي ٿيندو، اهڙي طرح جيڪي اڌورا نمازي هوندا آهن انهن کي بہ پرواهہ ناهي هوندي تہ جماعت وڃي ٿي تہ وڃي، ايستائين جو جيڪڏهن انهن جي نماز قضا ٿي وڃي تڏهن بہ ڪين ڪو صدمو نہ ٿيندو آهي. پر جيڪو پڪو نمازي هوندو اهو نماز قضا نہ ڪندو، جماعت نہ ڇڏيندو، اهڙي طرح جيڪو

پهرين صف جو عادي هوندو اهو پهرين صف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو تہ ان ڪان پهرين صف نہ ڇڏجندي. مان (يعني امير ِ اهلِ سنت) رمضان المبارڪ جي اعتڪاف ۾ نوٽ ڪيو آهي تہ ڪجهہ ماڻهن ڪي اهو جذبو هوندو آهي تہ اهي سحريءَ ۾ پهرين صف ۾ ويهي پنهنجي بيگ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪڍي ڪائي رهيا هوندا آهن تہ جيئن پهرين صف نہ ڇڏجي، جڏهن تہ ڪجهہ معتڪفن ڪي پهرين صف حاصل ڪرڻ جي ڪا پرواهہ ناهي هوندي، انهن مان ڪيترا اهڙا هوندا آهن جن جي جماعت جون ڪيتريون ئي رڪعتون نڪري وينديون آهن بلڪ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هوندو تہ انهن جي پوري جماعت ئي نڪري ويندي هوندي. هي سڀ پنهنجي جذبي ۽ استقامت جي ڳالهہ آهي. بهرحال ڪو بہ ڪم مسلسل ڪرڻ سان ئي استقامت ملي سگهي ٿي.

## 20 سالن کان هڪ شيءِ جي طلب

اي عاشقانِ رسول! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰه نيڪ ڪمن جي عادت بنائڻ ۽ انهن تي استقامت ماڻڻ لاءِ ڪيترن ئي سالن تائين ڪوشش فرمائيندا هئا، جيئن تہ حضرت سيدُنا مُوَرّق عِجلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ”20 سال تي ويا آهن، مان الله پاڪ کان هڪ شيءِ بابت سوال ڪري رهيو آهيان پر مون کي منهنجو مقصد نہ پيو ملي، ۽ مان مايوس بہ ناهيان ٿيو. ڪنهن عرض ڪيو: آخر اهڙي ڪهڙي ضرورت آهي جو توهان 20 سالن کان دعا گهري رهيا آهيو؟ ان تي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ”(منهنجي ضرورت اها هئي تہ) مان فضول ڳالهيون ڪرڻ ڇڏي ڏيان.“ (الزہد للامام احمد بن حنبل، ص310، قول نمبر1762بتغیرقلیل)

سُبْحٰنَ اللّٰه! حضرت مُوَرّق عِجلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان اسان کي ڪيڏي ڪمال جي ڳالهه سکڻ لاءِ ملي ته پاڻ 20 سالن تائين هڪ دعا گهرندا رهيا. افسوس! اسان اهو سوچي دعا ئي ناهيون گهرندا ته اسان جي دعا قبول ئي ناهي ٿيندي ۽ ڪجهه ماڻهو ته اهڙيون گستاخيون شروع ڪري ڏيندا آهن جو نعوذ باللّٰه اللّٰه پاڪ اسان جي نٿو ٻڌي. ياد رکو! اللّٰه پاڪ کان گهرندا رهو، جيڪڏهن نٿو ملي يا دير ٿي رهي آهي ته يقيناً ان ۾ اسان جي بهتري آهي، ڇو ته اسان نٿا ڄاڻون ته اسان جي بهتري ڪنهن ۾ آهي. جيئن ماءُ ڪاوڙ ۾ اچي پٽ کي بددعا ڏيندي آهي ته تون ڦاٽي پئين، غارت ٿي وڃين، ته اللّٰه پاڪ ان کي قبول ناهي فرمائيندو يعني ان جو اثر ظاهر ناهي ڪندو. جيڪڏهن اللّٰه پاڪ ان دعا جو اثر ظاهر ڪري ڇڏي يعني ماءُ بددعا ڏئي ته تون ڦاٽي پئين ۽ پٽ ڦاٽي پوي ته پوءِ روئندو ڪير؟ پٽ يا ماءُ؟ پٽ ته ڦاٽي خاموش ٿي ويو، هاڻي ماءُ عمر ڀر پئي روئيندي. ان ڪري هي به اللّٰه پاڪ جي نعمت ۽ رحمت آهي ته هن ماءُ جي ڏنل بددعا قبول نه فرمائي، نه ته جيڪڏهن اها قبول ڪري وٺي ها ته ماءُ ئي تڪليف ۾ اچي وڃي ها ۽ اللّٰه پاڪ ڪيس تڪليف کان بچائي ورتو. اهڙي طرح اسان پيون به ڪيتريون ئي دعائون گهرندا آهيون پر اهي اسان جي حق ۾ بهتر نه هئڻ سبب اڪثر قبول ناهن ڪيون وينديون (يعني انهن جو اثر ظاهر ناهي ڪيو ويندو) نه ته هر دعا 100 سيڪڙو قبول ئي قبول آهي. ياد رهي! قبوليت جون مختلف صورتون آهن: هڪ صورت اها آهي ته ان دعا جو اثر ظاهر ٿي ويندو آهي جيئن اسان چوندا آهيون ته دعا ڪئي ته فلاڻو ڪم ٿي ويو، ته هيءَ قبوليت ئي چئبي. ائين ئي قبوليت جي ٻي صورت اها آهي ته

ان دعا جي ڪري ڪا مشڪل حل ٿي ويندي آهي ۽ اچڻ واري مصيبت ٽري ويندي آهي جنهن جي اسان کي خبر ناهي پوندي. قبوليت جي ٽي صورت اها آهي تہ دعا جيئن تہ هڪ عبادت آهي تنهنڪري قيامت جي ڏينهن ان جو اجر محفوظ ملندو. اهي دعائون جيڪي دنيا ۾ قبول نہ ٿيون هيون يعني انهن جو ظاهري اثر ٻانهي نہ ڏٺو هو، قيامت جي ڏينهن جڏهن ٻانهو انهن جو اجر وثواب ڏسندو تہ تمنا ڪندو تہ ڪاش دنيا ۾ منهنجي ڪا بہ دعا قبول نہ ٿي هجي ها ۽ اڄ قيامت جي ڏينهن مون کي ان جو اجر ۽ ثواب ملي ها. دعا ۾ استقامت عظيم شيءِ آهي. ڏسو! حضرت مُوَرِق عِجلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 20 سالن کان دعا گهري رهيا هئا ۽ فرمايائون تہ جيڪا شيءِ گهري رهيو آهيان چاهي اها نہ ملي پر مون کي بہ هي دروازو ڪڏهن ناهي ڇڏڻو ۽ نہ ئي مان مايوس آهيان. اسان کي بہ پنهنجي رب جو دروازو ناهي ڇڏڻو ۽ ان جي در تي پيو رهڻو آهي تہ پيو رهڻ سان ئي ڪم ٿيندو، ان جي بارگاهہ ۾ جهڪيل رهون ۽ ان کان پنهنجون مرادون گهرندا رهون ڇو تہ هو ڪريم آهي ۽ ان جي رحمت تمام وڏي آهي.

حضرت مُوَرِق عِجلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيڏي پياري دعا گهري هئي تہ فضول ڳالهائڻ جي عادت ڇڏجي وڃي. بدقسمتيءَ سان اسان فضول ڳالهيون ڪرڻ لاءِ موقعو ڳولهيندا آهيون، سوشل ميڊيا تي ٿورو بہ ڪو موقعو يا Issue (يعني مسئلو) ملي تہ ڪمينٽس ڏيڻ شروع ٿي ويندا آهيون. اهڙي طرح جيڪڏهن دوستن ۾ ڪو Issue پيدا ٿئي يا ڪا ڳالهہ ٿئي تہ ان تي ليڪچر ڏيڻ ۽ تبصرا ڪرڻ شروع ٿي ويندا آهيون، پوءِ چاهي اهي فضول هجن يا معاذ الله گناهن سان ڀريل،

اسان پوئتي هٽڻ جي لاءِ تيار ناهيون ٿيندا. جڏهن ته الله وارن جي عاجزي ڏسو ته الله پاڪ جو دروازو ناهي ڇڏيو ۽ دعا گهرندي رهڻو آهي. خبر پئي ته جيڪڏهن کو فضول ڳالهين کي ڇڏڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو پوءِ ئي استقامت ملندي.

ہماری فالتو باتوں کی عادت دُور ہو جائے لگائیں مستقل قفلِ مدینہ لب پہ ہم مولیٰ
(وسائل بخشش، ص99)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 20 سالن تائين مشقت سان عبادت

حضرت سيدُنا عتبة الغلام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان 20 سالن تائين مشقت سان نماز پڙهندو رهيس ۽ (ان کان پوءِ) 20 سالن کان نماز مان لطف اندوز ٿي رهيو آهيان. (حلية الاولياء،9/10،قول نمبر:14305)

يعني مان 20 سالن تائين پنهنجي نفس کي ماري ان کي زبردستي عبادت تي آماده ڪيو، هو مجيندو نه هو پر مان مشقت ڪٽندو رهيس، محنت ۽ ڪوشش ڪندو رهيس. ان کان پوءِ 20 سال ٿي ويا آهن، منهنجي عبادت ۾ اهڙي دل لڳي وئي آهي جو ان نعمت مان مزو وٺي رهيو آهيان ۽ الله پاڪ جي عبادت مان لطف اندوز ٿي رهيو آهيان. جڏهن ته اسان جي حالت هيءَ آهي جو دل نه لڳي ته نماز ڇڏي ڏني، دل نه لڳي ته نيڪ عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنا، دل نه لڳي ته قافلي کان پوئتي هٽي وياسين جيڪو اسان لاءِ سنتون سکڻ سيکارڻ جو ذريعو آهي، دل نه لڳي ته سنتن ڀريي اجتماع ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو جيڪو اسان جي آخرت بڻائي ٿو، دل نه لڳي ته سٺي صحبت مان نڪري بري صحبت ۾ وڃي ڦاٿاسين. ياد رکو! دل

لڳي يا نہ لڳي، جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي رضا لاءِ نيڪ ڪمن ۾ لڳل رهنداسين تہ انهن بزرگن سڳورن رَحِمَهُمُ الله وانگر اسان جي بہ دل لڳي ئي ويندي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ عملن تي استقامت ماڻڻ لاءِ استقامت سان الله پاڪ جي عبادت ڪندڙ بزرگن جا واقعا پڙهڻ پڻ بہ وڏو فائديمند آهي، ان سان عبادت ڪرڻ ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي. جيئن تہ

## بلند مقام جو حصول

حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: تابعي بزرگ حضرت عبدالله بن عون رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪي استقامت جي ڪري بلند مقام حاصل ٿيو. (حلية الاولياء، 3/ 47، قول نمبر:3111)

## 40 سالن تائين نہ کِليا

حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (خوفِ خدا جي ڪري) 40 سالن تائين نہ کِليا. (احياء العلوم،231/4) ياد رکو! زور سان کِلڻ ۽ ٺهڪ ڏيڻ سنت ناهي.

## 40 سالن تائين قرآنِ ڪريم پڙهايو

حضرت سيدُنا ابو عبدالرحمٰن سُلمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 40 سالن تائين مسجد ۾ قرآنِ ڪريم پڙهايو. (الله والوں کی باتیں،241/4)

افسوس! مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي لاءِ اسان جي نہ دل گهري ٿي ۽ نہ ئي پڙهائڻ جي. ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! جنهن طرح اسان ڪي دنياوي شين ۽ دنياوي مال جي طلب ۾ استقامت

ملي ويندي آهي، ائين ئي نيڪين جي طلب ۾ به استقامت ملي وڃي.

## 20 سالن تائين دنياوي گفتگو کان پرهيز

تابعي بزرگ حضرت ربيع بن خيثم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 20 سالن تائين دنياوي گفتگو نه ڪئي. (احياء العلوم،137/3)

## 40 سالن تائين عشاء کان پوءِ گفتگو نه ڪئي

حضرت سَيِّدُنا منصور بن معتمر رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه 40 سالن تائين عشاء کان پوءِ گفتگو نه فرمائي. (احياء العلوم،137/3)

## 30 سالن کان ٻن شين جو علاج

هڪ عالمِ دين فرمايو: مان 30 سالن کان ٻن شين جو علاج ڪري رهيو آهيان: (1) ماڻهن کان لالچ ۽ طمع ڇڏڻ (2) خالص الله پاڪ جي لاءِ عمل ڪرڻ. (حلية الاولياء،320/7،قول نمبر:10673)

## حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جو معمول

سلسله عاليه قادريه رضويه عطاريه جي 11 هين پيرومرشد حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو 30 سالن تائين هي معمول رهيو ته عشاء جي نماز کان پوءِ بيهي صبح تائين الله الله پڙهندا هئا ۽ ان ئي وضو سان صبح جي نماز ادا ڪندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي 20 سالن تائين تڪبيرِ اوليٰ فوت نه ٿي. (شرح شجره قادريه ، ص73)

اي عاشقانِ اولياء! باجماعت نماز ۾ جيڪا پهرين تڪبير (يعني تڪبيرِ تحريمه) چئي ويندي آهي ان کي "تڪبيرِ اوليٰ" چئبو آهي. غور ڪريو! حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه استقامت سان 20 سالن

تائين تڪبيرِ اوليٰ سان نماز پڙهي. اسان ڪان جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته چا اج توهان پنج ئي نمازون تڪبيرِ اوليٰ سان پڙهيون؟ ته تي سگهي ٿو اهو ئي جواب ملي ته اج پنجن ئي نمازن ۾ مون کي هڪ به تڪبيرِ اوليٰ نه ملي، هي به جواب ٿي سگهي ٿو ته پنج نمازون ته چا پنج ڏينهن اهڙا گذريا آهن جو هڪ به تڪبيرِ اوليٰ ناهي ملي ۽ هي جواب به ممڪن آهي ته پنج مهينا گذري ويا پر هڪ به تڪبيرِ اوليٰ نه ملي سگهي.

حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪا عام شخصيت نه هئا بلڪ سلسله عاليه قادريه رضويه جا تمام وڏا پيشوا ۽ الله پاڪ جا ولي گذريا آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اسان جي پيرو مرشد حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مشائخن ۾ پيرن مان آهن. اسان جي شجري قادريه ۾ جيڪو شعر پڙهيو ويندو آهي ”جُنيد حق ميں گن جنيدِ باصفا کے واسطے“ ان مان پاڻ ئي مراد آهن. سندن استقامت ڏسو ته 20 سالن تائين تڪبيرِ اوليٰ نه ڇڏيائون. افسوس! اسان کي پنج ئي نمازون تڪبيرِ اوليٰ سان ته چا باجماعت پڙهڻ به نصيب نٿيون ٿين، ڪڏهن فرصت ملي وئي يا موڊ ٿيو ته مسجد پهچي وياسين ۽ پوري جماعت ملي وئي نه ته اڌوري ئي ملندي آهي. بدقسمتيءَ سان اعتڪاف ڪندڙن مان به ڪجھ ماڻهن کي پوري جماعت ناهي ملندي. الله پاڪ اسان کي نمازي بڻائي، نه ته اسان جو حال هي آهي ته ”**پراڻو پاپي آهيان، عمر وئي پر سُڌري نه سگهيس**.“ الله پاڪ انهن اولياء ڪرام تي پنهنجون رحمتون نازل فرمائي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
میں پڑھتا رہوں سُنّتیں، وقْت ہی پر
ہوں سارے نوافِل ادا یاالٰہی
(وسائل بخشش، ص89)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بي مثال عاجزيءَ جو مثال (واقعو)

حضرت سيدُنا جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي استادِ محترم جي باري ۾ اچي ٿو ته هڪ شخص انهن کي ٿي پيرا کاڌي جي دعوت ڏني، پاڻ جڏهن به ويندا هئا ته هو واپس موٽائي ڇڏيندو هو. ايتري تائين جو چوٿين پيري هو کين پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ کين بار بار موٽائڻ جي باوجود ناراض نه ٿيڻ جو سبب پڇيائين. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو فرمايو ان تي اهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي پنهنجي واتان فقير، وڏو گناهگار پانهو آهيان وغيره چوندا آهن، اهي غور ڪن ته انهن جو ائين چوڻ ڪيتري قدر درست آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ناراض نه ٿيڻ جو سبب هي ٻڌايو ته: ”مان 20 سالن تائين پنهنجي نفس کي ذلت تي راضي رهڻ جو عادي بڻائيندو رهيس، ايتري تائين جو هاڻي ان جي حالت ڪُتي جهڙي ٿي وئي آهي ته جڏهن ان کي ڌڪاريو وڃي ته هليو ويندو آهي ۽ جڏهن ان کي سڏيو وڃي ته موٽي ايندو آهي. جيڪڏهن تون مون کي 50 پيرا به موٽائي ڇڏين ها ۽ ان کان پوءِ وري سڏين ها ته مان هليو اچان ها.“ (احياء العلوم،5/81ملخصاً)

اي عاشقانِ رسول! هن کي چئبو آهي اصل استقامت ۽ عاجزي! اسان پاڻ کي زباني ڪلامي وڏو عاجز، مسڪين ۽ گناهگار چوندا

آهيون. ياد رهي! جيڪڏهن ڪو پاڻ کي ائين چوي ته ته اسان ان تي بدگماني نه ڪنداسين، پر جيڪو به چوي هو پاڻ غور ڪري ته ڇا دل جي ڪيفيت واقعي فقيراڻي ۽ مسڪينن واري آهي؟ يا مزاج جي خلاف ٿوري به ڳالهه تي ۽ عاجزيءَ جا اڳيان پويان سڀ رڪارڊ درياهه ۾ ٻوڙي ڇڏيا! ڪاوڙجي ويا ۽ گوڙ شروع ڪري ڏنو! اهڙو ماڻهو هرگز عاجز و فقير نٿو ٿي سگهي. اصل مسڪيني ۽ عاجزي حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي استاد جي آهي جيڪا تقليد جي لائق آهي. الله پاڪ اسان کي به حقيقي عاجزي نصيب فرمائي. بزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِم لکيو آهي ته جيڪو ٻين جي سامهون زباني ڪلامي عاجزيءَ جا لفظ ڳالهائيندو آهي اهو حقيقت ۾ رياڪاري ڪندو آهي ته جيئن ماڻهن تي پنهنجو اثر و رسوخ وجهي سگهي، پر ياد رهي ته اسان ڪنهن خاص ماڻهو تي بدگماني به نه ٿا ڪري سگهون ڇو ته ان جي دل جي حالت اسان نه ٿا ڄاڻون.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## استقامت ۾ رڪاوٽ واريون شيون

اي عاشقانِ رسول! استقامت جي راهه تي هلڻ ۾ هڪ تمام وڏي رڪاوٽ سستي به آهي، ڇو ته جڏهن ڪنهن شخص جو ڪو ڪم ڪرڻ جي دل ئي نه ڪندي ته هو ان تي استقامت ڪيئن حاصل ڪندو؟ تنهنڪري سستي پڇاڙيو ۽ ان کان جان ڇڏايو ڇو ته هي تمام وڏي آفت آهي. سست انسان دين ۽ دنيا جو ڪو به وڏو ڪم نٿو ڪري سگهي، جڏهن ته استقامت سان ٿورو ٿورو ڪم ڪندڙ به هڪ ڏينهن پنهنجي منزل ماڻي وٺندو آهي. جيئن سَهي (خرگوش) ۽ ڪُمي جو مقابلو ٿيو ته ڪير پهرين منزل تي پهچندو. سهي دل ۾

سوچيو: مان تمام تيز رفتار آهيان، ٿوري دير ۾ پهچي ويندس، تنهنڪري هن سُستي ڏيکاري ۽ آرام ڪرڻ لڳو. جڏهن ته ڪُمي پنهنجي سُست رفتار سان مسلسل هلندي رهي ۽ سهي کان پهرين پهچي وئي. غور ڪريو! سهو چست هئڻ باوجود سُستيءَ جي ڪري هارائي ويو. خبر پئي ته چاهي ڪم ٿورو هجي ۽ آهستي هجي پر جيڪڏهن مسلسل هجي ته ڪاميابي ملي سگهي ٿي.

## سُستيءَ سبب عبادت ڇڏڻ وارو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جنهن شخص کي عبادت جو عادي بڻائي ڇڏي ۽ پوءِ هو سُستيءَ جي ڪري ان کي ڇڏي ڏئي ته الله پاڪ ان کان ناراض ٿي ويندو آهي. (اتحاف السادة المتقين، 763/3)

حنفين جي عظيم پيشوا، امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي شاگرد امام ابويوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي فرمايو: توهان تمام ڪُند ذهن (يعني پڙهڻ ۾ ڪمزور) هئا پر توهان جي ڪوشش ۽ استقامت توهان کي اڳتي وڌائي ڇڏيو. (راه علم، ص45)

اي عاشقانِ رسول! امام ابويوسف رَحْمَةُ الله عَلَيْه پڙهائيءَ ۾ ڪمزور هجڻ باوجود پڙهندا رهيا، ڪڏهن پوئتي نه هٽيا. پر افسوس اسان جا ڪيترائي شاگرد پوئتي هٽي ويندا آهن. عام طور تي هر مدرسي ۾ درسِ نظامي جي پهرين ڪلاس ۾ تمام گهڻا شاگرد داخلا وٺندا آهن، پر ٻئين ۽ ٽئين ڪلاس ۾ پوئتي هٽڻ شروع ٿي ويندا آهن، ايتري تائين جو دورهءِ حديث (آخري ڪلاس) ۾ ڪجهه ئي شاگرد پهچندا آهن. جيڪي شاگرد جامعات المدينه ۾ درسِ نظامي يا مدرسةُ المدينه ۾ حفظ ڪري رهيا آهن اهي ياد رکن ته چاهي 50 سال لڳي وڃن پر توهان استقامت سان لڳل رهو، اِنْ شَآءَ الله توهان کي پڙهڻ جو

ثواب ملندو رهندو. پنهنجو ذهن بڻايو ته ڪجهه به ٿي وڃي، چاهي ڪجهه سمجھ ۾ اچي يا نه اچي، گردانون ياد ٿين يا نه، صرف ۽ نحو مشڪل لڳي يا نه، توهان لڳل رهو. ٿي سگهي ٿو شروع ۾ مشڪل لڳي پر آهستي آهستي علمِ دين آسان ٿي ويندو. اهڙي طرح نيت ڪريو ته مان علمِ دين پڙهڻ چاهيان ٿو، ان لاءِ دعا ڪريو ۽ ٻين کان به دعا ڪرايو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان پڙهي ويندا. ڏسو! امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪُند ذهن هئا پر محنت ڪندا رهيا ته وڏا امام ۽ مجتهد بڻجي ويا. هي تمام وڏو مرتبو آهي. امام اعظم جا ڪيترائي شاگرد آهن پر سڀ کان اعليٰ درجي جا ٻه شاگرد آهن: امام محمد ۽ امام ابويوسف رَحِمَهُمَا اللهُ.

فضول گوئی کی نکلے عادت | ہو دور بے جا ہنسی کی خصلت
دُرود پڑھتا رہوں میں ہر دم | امامِ اعظم ابو حنیفہ

(وسائلِ بخشش، ص583)

## دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها دعا گهرندا هئا: ”اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْبُخْلِ وَالْكَسَلِ وَاَرْذَلِ الْعُمُرِوَعَذَابِ الْقَبْرِوَفِتْنَةِ الدَّجَّالِ وَفِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ“ يعني: (اي الله پاڪ!) مان بخل، سُستي، پوڙهاپ جي انتهائي عمر، قبر جي عذاب، دجال جي فتني، زندگي ۽ موت جي فتني کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.“ (بخاری، 257/3، حديث: 4707) هن حديثِ پاڪ ۾ ”اَرْذَلِ الْعُمُرِ“ (پوڙهاپ جي انتهائي عمر) مان مراد بيڪار عمر جا پوڙها مراد آهن جيڪي گهر جي ڪنڊ ۾ پيا هوندا آهن ۽ ڪنهن ڪم جا ناهن هوندا. اهڙي عمر

ڪان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پناهه گهري آهي. ائين ئي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سُستيءَ ڪان به پناهه گهري آهي، جڏهن ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو چست ڪو به نه ٿيو آهي نه ٿيندو پر پوءِ به پاڻ سڳورا سُستيءَ جي متعلق الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪري رهيا آهن. اهڙي طرح پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گناهن ڪان معصوم آهن، ان جي باوجود ڏينهن ۾ 70 يا 100 ڀيرا استغفار ڪندا هئا، جڏهن ته اسان کي ڏينهن رات گناهه ڪرڻ جي باوجود هڪ ڀيرو به استغفار پڙهڻ جي توفيق ناهي ملندي.

شيخ نجمُ الدّين جي ٻن شعرن جو ترجمو آهي: (1) فرمانبردار رهو، محنت ڪندا رهو ۽ سُستيءَ ڪان ڪم نه وٺو چوته هڪ ڏينهن پنهنجي رب ڏانهن ضرور موٽڻو آهي. (2) راتين جو سمهڻ ڇڏي ڏيو، مخلوق ۾ بهتر اهو آهي جيڪو راتين جو تمام گهٽ سمهندو آهي (ته جيئن خوب عبادت ڪري سگهي). (راه علم،ص85)

ياد رکو! هتي رات جو جاڳڻ مان مراد اهي ماڻهو ناهن جيڪي رات جو به وڳي گهر ايندا آهن ۽ کين ايتري توفيق ناهي ملندي ته گاڏيءَ مان لهي در کڙڪائين بلڪ گهٽيءَ ۾ گاڏي ٻيهاري هارن وڄائيندا رهندا آهن جڻ ته پنهنجي بي وقوفي جو هيئن اعلان ڪري رهيا هوندا آهن جيڪڏهن ڪنهن بي وقوف کي ناهي ڏٺو ته مون کي ڏسي وٺو، ۽ نه ئي اهي نوجوان مراد آهن جيڪي اڌ رات جو سائلنسر ڪڍي بائيڪ هلائيندا آهن يا گهٽيءَ ۾ شور مچائي رهيا هوندا آهن ۽ ميڙ ڪري فضول گفتگو ۽ شور ڪري رهيا هوندا آهن انهن کي ائين رات دير تائين جاڳڻ تي ڪو ثواب نه ملندو. رات جو ته ڪتو به جاڳندو آهي ۽ پونکي پونکي ٻين کي به سمهڻ ناهي

ڏيندو. هتي اهي ماڻهو مراد آهن جيڪي الله جي عبادت لاءِ جاڳندا آهن، جيئن اجتماع ۾ رات گذارڻ جتي ڪجهه آرام جو وقفو به هوندو آهي، تهجد جي نماز به ملندي آهي، ائين ئي رات جاڳي ڪري مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ، علمِ دين حاصل ڪرڻ، عالمِ دين جي صحبت ۾ ويهندا، دين پڙهندا، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا آهن، ته انهن جو جاڳڻ يقيناً عبادت آهي ۽ اهي جيڪي بين کي پريشان ڪندا آهن انهن جو فرض نمازن کان علاوه ڏينهن رات سمهڻ ئي بهتر آهي ته جيئن انهن جي شر کان ماڻهو بچيل رهن. پنهنجي شر کان ماڻهن کي بچائڻ به ڪارِ ثواب آهي پر ان ۾ نيت سٺي هجڻ ضروري آهي، ائين ناهي ته خردماغ آهي ماڻهن کي پنهنجي شر کان محفوظ نٿو رکي سگهي ته هاڻي ستل رهي يا ننڊ جي انجيڪشن لڳرائي. الله ڪري اسان اهڙا شرير نه بڻجون جو اسان جي شر کان ماڻهن کي تڪليف پهچي بلڪ اسان نيڪ بڻجي وڃون. نيڪ بڻجڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهنداسين ته اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْکَرِيْم! نيڪ به بڻجي وينداسين.

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی

(وسائل بخشش، ص105)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net